SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1976

SINDH ACT NO. III OF 1976

سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 1976

THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ACT, 1976

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان وسعت ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

2. سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾ تبديلي
Amendment of section 4 of Sindh Land Revenue Act

3. سنڌ لينڊ روينيو ۾ دفعہ 54_A جو اضافو
Insertion of section 54_A in Sindh Land Revenue Act.

4. سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ سيڪشن 70_A, 70_B, 70_C ۽ 70_D جو اضافو
Insertion of new sections 70_A, 70_B, 70_C and 70_D in Sindh Land Revenue Act.

5. روينيو ۾ اضافو
Increase in Land Revenue

6. سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1976 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance I of 1976.

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1976

SINDH ACT NO. III OF 1976

سنڌ لينڊ رونيو (ترميم) ايڪٽ، 1976

THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ACT, 1976

[30 مارچ 1976]

سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ، 1967 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ لينڊ رونيو (ترميم) ايڪٽ 1967 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

ان کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) ان کي سنڌ لينڊ رونيو (ترميم) ايڪٽ 1976 چيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ڪيو ويندو ان کي نومبر 1975 جي ڏهين ڏينهن کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾ تبديلي
Amendment of section 4 of Sindh Land Revenue Act

2. سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ 1967 جنهن کي هن کانپوءِ بنيادي ايڪٽ چيو ويندو، ان جي دفعات کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

(i) شق (10) کانپوءِ نئين شق جو اضافو ڪيو ويندو.

"(10_A) "نهري زمين" جو مطلب اها نهري زمين جنهن کي هڪ ڪئنال، ٽيوب ويل ۽ ڪنهن بہ مصنوعي طريقي سان پوکي راهي ڪئي وڃي.

(ii) شق 27 کانپوءِ نئين دفعہ کي شامل ڪيو ويندو.

"(27_A) غير نهري زمين جو مطلب "ٻي غير نهري زمين".

سنڌ لينڊ روينيو ڪا دفعہ 54_A جو اضافو
Insertion of section 54_A in Sindh Land Revenue Act.

3. هن ايڪٽ جي دفعہ 54 ۾ نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو.

"54_A (1) بورڊ آف روينيو يا ان پاران بااختيار ٿيل آفيسر، ضرورت موجب دفعہ 24 تحت هڪ آفيشل گزيٽ ۾ نوٽيفڪشن جي ذريعي سمن جاري ڪري زمين جي مالڪ کي طلب ڪري سگهي ٿو جيڪو پنهنجي زمين جي مالڪي وارين حدن بابت ۽ ٻي ضروري معلومات ڏيڻ جو پابند هوندو، جيڪا هن صوبي يا ان کان ٻاهر هوندي.

(2) دفعہ (1) جي تحت، جيڪڏهن ڪو ڪا ڄاڻ جيڪا گهربل هجي، ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيندو ۽ ڄاڻي واڻي ۽ اڻپوري ڄاڻ ڏئي تہ اهو سزا جو حقدار هوندو، سزا جو عرصو هڪ سال تائين بہ ٿي سگهي ٿو يا هن تي ڏنڊ مڙهيو ويندو يا ڪجهہ صورتن ۾ سزا ۽ ڏنڊ ٻئي هوندا.

(3)هن دفعہ تحت قابل سزا جرم قرار ڏيڻ تي ڪا بہ عدالت تيستائين نوٽيس نہ وٺندي جيستائين بورڊ آف روينيو پاران Authorized ڪيل روينيو آفيسر جي لکت واري درخواست موصول نہ ٿي هجي.

سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ سيڪشن 70_A, 70_B, 70_C ۽ 70_D جو اضافو
Insertion of new sections 70_A, 70_B, 70_C and 70_D in Sindh Land

4. پرنسپل ايڪٽ ۾، دفعہ 56 کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل دفعہ شامل ڪيو ويندو.

"56_A هن ايڪٽ ۾ موجود ڪنهن شئي جي خلاف نہ آهي تہ پوءِ، ڪنهن زمين جو مالڪ ان صورت ۾ لينڊ روينيو ادا ڪرڻ جو پابند نہ هوندو، جيڪڏهن هن وٽ"

(a) 12 ايڪڙن کان وڌيڪ نهري زمين نہ هجي.

(b) غير نهري زمين، جيڪا 25 ايڪڙ کان وڌيڪ هجي.

(c) نهري ۽ غير نهري زمين جو مجموعي جيڪا آبپاشي لائق ايراضي 12 ايڪڙ کان وڌيڪ نہ هجي.

بشرطيڪ سال 76_1975 جي لاءِ جڏهن لينڊ روينيو هڪ جيترن اگهن جي بنياد تي ورتو ويندو اهي علائقا جتي سڄو سال پاڻي جي فراهمي جاري رهي ان لاءِ مجموعي لينڊ روينيو جو 50 سيڪڙو واجب الادا هجي ۽ باقي علائقن ۾ مجموعي لينڊ روينيو جو 75 سيڪڙو وصول ڪيو ويندو ۽ جن علائقن ۾ لينڊ روينيو هڪ جيتري اگهہ جي بنياد تي وصول نہ ٿيندو اتي خريف جي فصل جي حساب سان واجب الادا ٿيندو.

وضاحت: هن دفعي جي حوالي سان:

(a) نهري زمين جو هڪ ايڪڙ غير زرعي زمين جي ٻن ايڪڙن جي برابر شمار ڪيو ويندو.

(b) ”زمين“ جو مطلب آهي يا زمين جيڪا هن ايڪٽ 56 جي شق (b)، (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل زمين کان علاوه آهي يا صوبي کان ٻاهر آهي.

(c) ”زمين جو مالڪ“ ۾ اهو شامل آهي، جيڪو

(i) حڪومتي اسڪيم تحت جنهن کي زمين الاٽ ڪئي وئي هجي يا گرانٽ ڏني وئي هجي جيڪا گرانٽ يا الاٽمينٽ هن جي مالڪيءَ ۾ تبديل ٿيندي.

(ii) حڪومتي زمين جي ليز رکندڙ.

(iii) اهو شخص جنهن پنهنجي زمين يا ان جو ڪجهہ حصو گروي رکرايو هجي.

(iv) اهو شخص جنهن کي زمين جا مستقل

حق ۽ مفاد موجود هجن.

روينيو ۾ اضافو
Increase in Land Revenue

5. پرنسپل ايڪٽ ۾ دفعہ 70 کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو.

"70_A هن ايڪٽ ۾ موجود ڪنهن شئي خلاف نہ آهي تہ زمين مالڪ جنهن جو ذڪر (هيٺ ڄاڻايل ٽيبل جي ڪالم نمبر (2) ۾ ڪيو ويو آهي.) اهو وڌندڙ ريٽ جي مطابق ليند روينيو ادا ڪرڻ جو پابند هوندو. جنهن جو ذڪر ڪالم (3) ۾ ڪيو ويو آهي. "

TABLE

.1	.2	.3
	(a) زمين جيڪا ڪنهن مالڪ وٽ هجي (i) زرعي زمين جيڪا 25 ايڪڙ کان وڌيڪ هجي ۽ 50 ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي. يا	
سيڪشن 57 ۽ 70 جي تحت 150 سيڪڙو ليند روينيو Asses ڪيو ويندو.	(ii) غير زرعي زمين جيڪا 50 ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر 100 ايڪڙن کان تجاوز نہ ڪري. يا (iii) زرعي ۽ غير زرعي زمين جو مجموعي آبپاشي لائق حصو 50 ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي.	
ان تحت_ سيڪشن 57 ۽ 70 جي مطابق 200 سيڪڙو ليند روينيو اندازن لڳايو ويندو.	(b) زمين جيڪا ڪنهن شخص جي ملڪيت آهي. (i) 50 ايڪڙن کان وڌيڪ هجي يا (ii) 100 ايڪڙن کان وڌيڪ هجي يا (iii) زرعي ۽ غير زرعي زمين جو	

	مجموعي آبپاشي لائق حصو 50 ايڪڙن کان وڌيڪ هجي.

سال 76_1975 جي مطابق، هڪجيترن اگهن جي بنياد تي اهي علائقا جتي سمورو سال پاڻي جي فراهمي جاري رهي ان لاءِ مجموعي لينڊ روينيو جو 50 سيڪڙو واجب الادا هوندو ۽ باقي علائقن ۾ مجموعي لينڊ روينيو جو 25 سيڪڙو حصو وصول ڪيو ويندو ۽ اهي علائقي جتي هڪجيترن اگهن جي بنياد تي وصولي نہ ٿيندي اتي لينڊ روينيو ربيع جي فصل جي حساب سان وصول ڪيو ويندو.

وضاحت: هن سيڪشن جي لاءِ:

(a) آبپاشي لائق يا زرعي زمين جو هڪ ايڪڙ غير زرعي زمين جي ٻن ايڪڙن جي برابر شمار ڪيو ويندو.

(b) زمين جو مطلب زمين هوندو علاوه سيڪشن 56 جي شق (c), (b) ۽ (d) کي صوبي اندر يا ٻاهر.

(c) "زمين جو مالڪ" اهو سڏرائيندو جيڪو

(i) ڪنهن حڪومتي اسڪيم جي تحت Allotted ڳا Grantee ڏيڻ وارو هجي ۽ ان اسڪيم جي تحت ئي اها الاٽمينٽ يا گرانٽ اونرشپ ۾ تبديلي هوندي.

(ii) حڪومتي زمين جو ڪرائيدار.

(iii) اهو شخص جنهن پنهنجي زمينن يا ان جو ڪجهہ حصو گروي رکرايو هجي.

(iv) اهو شخص جنهن وٽ زمين جا انترسيٽ جا مستقل حق حاصل هجن.

(1) 70_B: جڏهن ڪو بہ شخص صبي جي اندر يا ٻاهر زمين وٺندو (حاصل ڪندو) تہ ان زمين بابت ڄاڻ لاڳاپيل اختيارين کي فراهم ڪندو. جيئن تہ بورڊ آف روينيو پاران

جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ داخل هوندو. جيڪڏهن زمين هڪ ئي تعلقي ۾ ورتو وئي آهي جنهن ۾ زمين جي مالڪ وٽ پهريان ئي زمين موجود هجي. ان صورت ۾ ڄاڻ ڏيڻ جو پابند نہ هوندو.

(2) جيڪو ڪنهن معقول جواز جي بنياد تي سيڪشن (1) جي تحت هي گهربل ڄاڻ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيو هجي يا ڄاڻي واڻي اڻپوري ۽ غلط ڄاڻ ڏيندو، اهو سزا جو حقدار هوندو. سزا جو عرصو هڪ سال تائين ٿي سگهي ٿو يا ڏنڊ ادا ڪندو. هي ڪجهہ صورتن ۾ سزا، ڏنڊ ۽ ٻنهي جي لائق هوندو.

(3) هن سيڪشن تحت قابل سزا قرار ڏنل ڏوهہ تي ڪا عدالت تيستائين نوٽيس نٿي وٺي سگهي جيستائين بورڊ آف روينيو پاران Authorized ڪيل روينيو آفيسر کي ان جي رائيٽنگ درخواست موصل نہ ٿي هجي.

(1) 70_C جڏهن ڪنهن زمين مالڪ کي سيڪشن 56 يا سيڪشن 56_A جي تحت لينڊ روينيو ۾ قابل منظور ڇوٽ نہ ملي، ۽ ان تي اضافي روينيو چارج (لڳائي) وڃي يا ان جي زمين جي درجہ بندي درست نہ ٿي هجي تہ اها ان صورت ۾ سيڪشن (A)70 جي مطابق، بورڊ آف روينيو پاران ٻڌايل طريقيڪار جي مطابق لاڳاپيل مختيارڪار کي درخواست لکي سگهي ٿو.

(2) سب سيڪشن (1) جي تحت مختيارڪار، ضرورت پوڻ تي هن درخواست تي انڪوائري بہ شروع ڪرائي سگهي ٿو. ڪنهن شخص کي گهرائي سگهي ٿو ۽ ڪاغذن جي جاچ پڙتال ڪرائي سگهي ٿو ۽ انڪوائري مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ڪو مناسب حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار بہ رکي ٿو.

(3) انڪوائري کانپوءِ، مختيارڪار جيڪڏهن مناسب

سمجهي تہ هڪ حڪم جي ذريعي اس زمين جي مالڪ کي لينڊ رينيو کان مڪمل ڇوٽ يا اڌ ڇوٽ ڏياري سگهي ٿو. ان سب سيڪشن جي تحت ڪو بہ حڪم نامو جاري ڪرڻ کان پهريان متاثر شخص کي صفائي جو موقعو ڏنو ويندو.

(4) مختيارڪار پنهنجي اختيارن جي استعمال جي لاءِ بورڊ آف رينيو جي هدايت تي عمل ڪندو.

(4) مختيارڪار بورڊ آف رينيو جي هدايت مطابق پنهنجي اختيارن جو استعمال ڪندو.

(5) ان حڪم سان متاثر شخص سب سيڪشن (2) يا (3) جي مطابق هن آرڊر جي جاري ٿيڻ سان هڪ مهيني جي اندر اسسٽنٽ ڪمشنر کي اپيل ڪري سگهي ٿو جنهن جو حڪم ڊپٽي ڪمشنر جي نظرثاني کانپوءِ حتمي تصور ڪيو ويندو.

70_D ان ايڪٽ ۾ موجود ڪنهن شئي جي خلاف باوجود حڪومت نوٽيفڪيشن جي ذريعي، اصول لاڳو ڪري سگهي ٿي، ۽ سيڪشن 56_A جي تحت اهو طريقيڪار واضح ڪري سگهي ٿي، جنهن جي ذريعي استثنيٰ، ڇوٽ (exemption) عمل ۾ آندي وڃي ۽ سيڪشن 70_A جي تحت Assessment ڪري سگهجي.

سنڌ آرڊيننس I مجريہ 1976 جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance I of 1976.

6. ۽ ان جي نتيجي ۾ سنڌ لينڊ رينيو ترميمي آرڊيننس، 1976 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.